# سنڌ ايڪٽ نمبر VIII مجريہ 1992
# SINDH ACT NO.VIII OF 1992
# زمين طلبي (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1992
# THE LAND ACQUISITION (SINDH AMENDMENT) ACT, 1992
## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1894 جي ايڪٽ X جي دفعہ 18 جي ترميم

Amendment of section 18 of Act X of 1894

3. 1894 جي ايڪٽ X جي دفعہ 20 جي ترميم

Amendment of section 20 of Act X of 1894

4. 1894 جي ايڪٽ X جي دفعہ 22_A جي ترميم

Amendment of section 22_A of Act X of 1894

5. 1894 جي ايڪٽ X جي دفعہ 31 جي ترميم

Amendment of section 31 of Act X of 1894

6. 1894 جي ايڪٽ X جي دفعہ 50 جي ترميم

Amendment of section 50 of Act X of 1894

7. 1992 جي سنڌ آرڊيننس نمبر IV جي منسوخي

Repeal of Sindh Ordinance No.IV of 1992

# سنڌ ايڪٽ نمبر VIII مجريه 1992
# SINDH ACT NO.VIII OF 1992
# زمين طلبي (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1992
# THE LAND ACQUISITION (SINDH AMENDMENT) ACT, 1992

[1 ڊسمبر 1992]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ زمين طلبي ايڪٽ، 1894 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

| | |
|---|---|
| جيئن ته سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ زمين طلبي ايڪٽ، 1894 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي: | تمهيد (Preamble) |
| ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو: | |
| 1. (1) هن ايڪٽ کي زمين طلبي (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1992 سڏيو ويندو.<br>(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو. | مختصر عنوان ۽ شروعات<br>Short title and commencement |
| 2. سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ زمين طلبي ايڪٽ، 1894 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ به ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعه 18 جي ذيلي دفعه (3) ۾، لفظن "صوبائي حڪومت" لاءِ لفظن ۽ ڪامائن "وفاقي حڪومت، صوبائي حڪومت، ڪمپني يا لوڪل اٿارٽي، جيئن معاملو هجي" کي متبادل بڻايو ويندو. | 1894 جي ايڪٽ X جي دفعه 18 جي ترميم<br>Amendment of section 18 of Act X of 1894 |
| 3.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 20 جي شق (c) ۾، لفظن "۽ حڪومت جو ڪاتو" لاءِ لفظ ۽ ڪاما "وفاقي حڪومت، | 1894 جي ايڪٽ X جي دفعه 20 جي ترميم |

صوبائي حڪومت" متبادل ٿيندا.

Amendment of section 20 of Act X of 1894

1894 جي ايڪٽ X جي دفعہ 22_A جي ترميم
Amendment of section 22_A of Act X of 1894

4. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 22_A ۾ لفظن ۽ ڪاما "صوبائي حڪومت" لاءِ لفظ "وفاقي حڪومت يا صوبائي حڪومت" متبادل ٿيندا.

1894 جي ايڪٽ X جي دفعہ 31 جي ترميم
Amendment of section 31 of Act X of 1894

5. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 31 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ لفظ "صوبائي حڪومت" جتي بہ اچن، لفظ ۽ ڪامائون "وفاقي حڪومت يا صوبائي حڪومت، جيئن معاملو هجي" متبادل ٿيندا.

1894 جي ايڪٽ X جي دفعہ 50 جي ترميم
Amendment of section 50 of Act X of 1894

6. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 50 جي ذيلي دفعہ (2) ۾ ڪولن کي فل اسٽاپ سان تبديل ڪيو ويندو ۽ شرطيہ بيان کي ختم ڪيو ويندو.

1992 جي سنڌ آرڊيننس نمبر IV جي منسوخي
Repeal of Sindh Ordinance No.IV of 1992

7. زمين طلبي (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1992 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**